RESEARC
Institute

# نيتي سکيا

ڙاديل

## ديارام گدومل

~~قيمت ۰ ـ ۱ ـ آنو~~

۰ ـ ۲

# فهرست


| | |
|---|---|
| | صفو |
| آرٽيب | ١ |
| ١. اهنسا | ٥ |
| ٢. ستيه | ٨ |
| ٣. استيه | ١٣ |
| ٤. برهمچريه | ١٦ |
| ٥. اپرگره | ٩ |
| ٦. شوچ | ٢٣ |
| ٧. سنتوش | ٢٦ |
| ٨. تپ | ٢٨ |
| ٩. سواڌيا | ٣١ |
| ١٠. ايشور پرڌان | ٣٥ |
| پنهنجي يمن ۽ نيمن سان لاڳو | ٣٨ |


[Second Edition: 2000—23-1-23]

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# نيتي سکيا

سڀ جيڪي فوجداري گناھ آھن
۽ سڀ جيڪي ديواني اپڪار آھن (يعني
اھڙا ڪم ڪرتوت جن لاءِ نقصان ڀرائي
سگھجي) سي ٻهرين جڻن ٻمن جي ورڌئن
۾ اچي وڃن ٿا. سڀ ڏئوي سنڌ جا
گرنٿ جي شري ڀڳوت گيتا جي ١٦ ادڌياءِ
۾ ٻڌايل آھن، سڀ اھڙا گرنٿ جي ٻئي ڪتابن
۾ ٻڌايل آھن، يا يهودين جي ڪتابن يا
ڪرستاني ڪتابن يا مسلماني ڪتابن ۾.

۽سڀ اخلاق جا قانون، پنهجن يمن ۽ پنهجن
ڪمن ۾ اچي وڃن ٿا. هؤڏ شاستر ا نهن
گڏلن ۾ ائٽ هندن جي شاسترن جي برخلاف
نہ آهن، مسلماني ۽ ڪرستاني ڪتاب
حضرت موسي، دوارا سنڌبُس اشت ديوتا
پڌ را ڪيل ڏہ حڪم قبول ڪن ٿا
اهي ڏہ حڪم هي هوا :-
[۱] مون کان سواءِ ٻئي ڪنهن ديوتا
کي نہ پوڄيو. [۲] جڙ مورتون نہ پوڄيو،
[۳] منهنجو نالو اجايو نہ وٺو. [۴] ڇهہ
ڏينهن ٻلي ڪم ڪريو پر ستون ڏينهن
پوتر رکو ۽ انهي ڏينهن ماڻهو ۽ مرون سڀ

آرام وٺن. [۵] پتا ماتاکي مان ڏيو.[۶] خون نہ ڪريو. [۷] پراستري جو ولاس نہ ڪريو [۸]چوري نہ ڪريو[۹] ڪوڙي شاهدي نہ ڀريو [۱۰]ئي جوگهر يا زال پانوڪرياڻي يا ڍڳو يا گڏه يا ڪي بہ جيڪي بي جو آهي سو نہ تڪيو.

حضرت عيسيٰ فرمايو تہ اهڙا گناه من يا واڻي سان بہ نہ ڪرڻ گهرجن ۽ سڀ مٿيان حڪم هنڌن جي يوگ جي ٻن انگن ۾ اچي وڃن ٿا يعني (۱)ايشور سان اُتم پريت رکہ (ايشور پرڏ ان) ۽ (۲) پنهنجن پاڙن سان اهڙي پريت رکہ جهڙي پاڻ سان (اهنسا).

درحقيقت جيڪو ايشور سان اتم پريت رکي ٿو سو ضرور اهو ئي حڪم بجا آڻيندو. تنهن ڪري سڀ مٿيان حڪم ايشور پرتان به اچي وڃن ٿا ۽ اسلام لفظ جو مطلب به ايشور پرتان آهي ۽ سڀني مذهبن جو انهي تي زور آهي.

گناهه ۽ اپڪار ۽ ڌرم ڀنگ ۽ نيتي ڀنگ سڀ يمن ۽ نيمن جي ورڌن ۾ ڪيئن اچي وڃن ٿا ۽ هر هڪ يم ۽ نيم ۾ ڇا سمايل آهي ۽ يمن ۽ نيمن جو سنبنڌ ڪهڙو آهي ۽ هر هڪ ساڌنا ۾ ڪم جا وشيش پرڪار ڪهڙا آهن، اهي ڳالهيون هيٺين تفصيل مان ثابت ٿي سگهنديون.

## ١ — اهنسا

دين ديال اناٽن جي ذات پريوءَ کي پاڻ
۾ سيني ۾ ساکي سمجهي، پرٿويءَ
وانگي، حليم، ۽ ڪما وان ۽ نمرتا وان ۽
ديا وان ٿيءُ. ڏس ته پرٿويءَ کي جي
کوٽين ولين ٿا ٽنکي هوءَ جواب ڪهڙو
ڏئي ٿي: جواب اٿس آنّ گل ۽
ڦل. تنهن ڪري ڪنهن کي نه ڏکوءِ ۽
ڏکه ڏيڻ جي رڳي اڇا به نه ڪر، ۽ ڏکه
ڏيڻ جو رڳو خيال به نه ڪر ۽ هنسا نه رڳي
ارادتاً نه ڪر پر ڪا به اپروائي يا غفلت
نه ڪر جنهن ڪري هنسا ٿي پوي. (١)

پاڻ گهات نه ڪر. (٣) پراڻي گهات نه
ڪر، ڪنهن به پراڻيءَ سان ظلم نه ڪر،
ڪنهنکي نه ڏمڪاءِ. (٤) ڪنهن سان
به بي انصافي نه ڪر؛ ڪنهن سان به
زبردستي نه ڪر؛ ڪنهنکي به نديو يا
وڏو ايذاءُ نه پهچاءِ؛ ڪنهن سان به ڊوهه
نه ڪر؛ خصوصا صغيرن، ۽ ابلائن ۽
مسڪينن ۽ ضعيفن سان ڊوهه نه ڪر؛
ڪنهنکي به بيگر ۾ نه وهاءِ؛ ڪنهن تي
به هلان نه ڪر؛ پنهنجي من کان سواءِ
ڪنهنکي به بندش نه ڏيءِ؛ پنهنجي
شرير کان سواءِ ڪنهنکي به پانهو نه ڪر.

(٥) ماڻهن جي جسم ۽ من جي صحت، يا آسائش، يا تنگ، يا نيتي ۾ خلل نہ وجهہ، ۽ خلق جي صاح ۾ وگوڙ نہ وجهہ ۽ ۽ ڪنهنجي بہ شرمن ۾ همت نہ اتڪاءِ، ۽ ڪنهن بہ اپلا جي شرم ۾ خيانت نہ وجهہ. (٦) ڪنهنجي بہ مذهب جي نندا نہ ڪر. (٧) ڪنهن جي بہ بدنامي نہ ڪر. (٨) ڪنهن کي بہ دڙڪا نہ ڏي. (٩) ڪنهن وٽ بہ ڏرنو نہ مار. (١٠) ڪنهن سان ڪروڌ نہ ڪر. (١١) ڪنهنجي بہ حرمتي يا بي ادبي نہ ڪر؛ ڪنهنکي بہ گاريون

نه ڏي. (١٢) ڪنهن سان به وير وروڌ
نه رکه ۽ سڀ تي هٿ رکه. (١٣) من کي
منگل جي رچنا ڪر، ڇاڪاڻ جو

" آپس ڪئو جو جاڳي نيچا؛
سوئو گنئي سڀ تي اوچا".

(١٤) جي هر وير و هنسا ڪرڻي
اٿيئي ته اهنڪار جي ڪر ۽ اهڙي
هڙي مر جو سدا جيون ٿئين.

## ٢— سنتم

(١) انترجامي سچو پرڪري ڄاڻهو ۽ سيني
۾ ساڪي سمجهو، ڄاڻي واڳي، جنهن
سچ جي جوت تان اٿو آهين آنهي جوت
تاءِ هئي جڙه ۽ پنهنجي اصل جي منزل

لاءِ ۽ سچ ۾ ورتڻ، سچ ٻولڻ ۽ سچ چئڻ
تي هيرو وجهه ۽ ڪنهن سان ڇوٽ نه
ڪر.

(٢) پنهنجي ڌڻيءَ سان سچو ٿيءُ ۽
اوڻ حرامي نه ٿيءُ. تون گما شتو جنهه
اگنت، اتول، سگل سمگري جي سوترڌاري
شاه جو آهين تنهن سان سچ ڪرڻ ڪپت.

(٣) تنهنجي پڌڻ ۽ ڳالهائڻ جي سگهه
آڪاش بنا هلي نٿي سگهي، تنهنجي
سپرش ڪرڻ ۽ هلائڻ جي سگهه
وايوءَ بنا، تنهنجي ڏسڻ ۽ روپ پيدا
ڪرڻ جي سگهه جوت بنا، تنهنجي

چکڻ ۽ آنَّ پاڇائڻ جي سگهه جل بڻا،
۽ تنهنجي سنگهڻ ۽ ٻڌڻ ڪرڻ جي سگهه
پرٿوي بڻا. پرٿوي ۽ جل ۽ جوت ۽
وايو ۽ آڪاش مان تنهنجي ڪايا ٺهي
آهي، انهي ڪايا جي مندر ۾ جيئن جو
ڏيو ٻيو ٻري، جنهنڪري سڀ مٿيون
شڪتيون، قاعدن پرماڻ، تنهنجي
سهائتا ڪن ٿيون. تون اُنهي ڏيئي
جو ۽ انهن شڪتين جو گڻ ڄور نه
ٿيءُ ۽ وت آهر ساتوڪ ڀگير ۽ دان
ڪر، ۽ سيڪنهن قسم جو پر اُپڪار
ڪر. پر اُپڪار ڪڏهن به مٿيا نه ٿو

ٿئي. (۴) حساب پنهنجو صاف رکو ته مٿا سڀن جو ڀپ نه رهندو.
(۵) پراوا ويس نه ڏر ۽ پيکو نه کر.
جهڙو آهين تهڙو پاڻکي ڏيکار ۽ دنيا ۽
ڀپ نه کر. (۶) سڀکي تنهنجو
حق حلال نه هٿجي سو نه گهر، ۽ جي
ملينئي ته بر نه وٺ ۽ تنهنکري جهڙا نه
کر، ۽ صورتين سان واسطو نه رکو. (۷)
کوڙي ساک نه پڙ. (۸) کوڙيون توڙون
۽ مايون، کوڙا سڪا ۽ اسٽامپ،
کوڙا دستاويز ۽ مٿرڻ، کوڙيون واپاري
نيشانيون ۽ کوڙيون ملڪيتي نشانيون

۽ فريب جون وستون ۽ ٻگڙيل انٻان
جون شيون نہ ڏاهہ، نہ رکہ نہ واپراءِ.

سچ واپار ڪرڊ واپاري،
درگهہ نبهي ڪيپ تماري.

(٩) ڪڏهن بہ انجام نہ ڏي ۽ سدائين پنهنجي
وچن کي پاڙي ڏي ۽ سنڌ وقت جو پورو رکيُ.
(١٠) سچ مٺي طرح ٻول. (١١) هنسا
ڪارڻ، ڪوڙ، چورن يا وشين سان
سنگ نہ ڪر، نہ تہ پنهنجي ستيہ شيل
۾ پهنگ پوندو. (١٢) ياد رکہ تہ

تن مٺري اهر من وڄارا
نانڪ سهجي سچ واپارا

۽ هروڀرو جي ڪوڙ ڪرڻ ۽ ڄاڻيءَ
تہ سرشٽي مايا سان ڪر.

## ٣.— آستيءَ

(١) اڄل اڄهڙ اهڙ ڪي پاڻهه ۽ سڀني ۾
ساڪي سمجهي، جوت وانگي جيڪي،
ڪنهن ڪان ولين سو امانت سمجهن ۽
پرديس نہ هر ۽ اپٺو پرائو پڇاڻ. ڏس
تہ ڪيئن سورج، جي سمنڊ ڪان پاڻي،
ٻاڦ روپ ۾ وٺي ٿو، تہ مينهن جي روپ
۾ موٽائي ڏئي ٿو. پاڻي آهي بہ سمنڊ س
اولاد، تہ هڪ ڦرو بہ پاڻي جو وٽس امانت
آهي. ۽ نہ رکي امانت موٽائي ڏئي ٿو

پر جڏهن امانت تي سود به ڏئي ٿو،
چاڪاڻ جو سورج ڪري نه رڳو جهڙو ماسي
جا مينهن پون ٿا پر اونچن جبلن جون
برفون گهڻن روپ جهڙي پرواهي روپ
ڍرين ٿيون، ۽ نديون ۽ نهرون ڀرپور ڪن
ٿيون، جي سمنڊ ڏي ڊوڙي،
سورج ٻاران وياج پهچائين ٿا. تنهن
ڪري چوري نه ڪر، چوري زبان
سان به نه ڪر مثلا ڪنهن جي ڪري پت
نه وڃي، ۽ چوريءَ جي رڳي اڇا به نه
ڪر، چوريءَ جو رڳو خيال به نه ڪر
(٢) جبري نه ڪر؛ ڦرڻ ڪر؛ رهزني

نہ ڪرڻ ڏاڪا نہ هڻڻ پرائي ملڪيت
ڪائي نہ وڃڻ ويساهہ گهاتي نہ ڪرڻ چوري
جو مال نہ وٺ، نہ رکہ، نہ واپراءِ، نہ ڇپاءِ
دغا نہ ڪر، ٻين جي ملڪيت کي
ضرريا هانيڪو نہ رساءِ، ٻراون گهرن
۾ موڪل ڏاران دخل نہ ڪر. (۳) لب
نہ وٺ، لوڀ لالچ نہ رکہ، ڏاڍي جي
استري يا ٻي جي ڪا بہ وستو نہ تڪ.
پرڏن، پرتن، پرنندا، پرا پواڏ ڪان وڏن
وڃ. (۴) جي هرو ڀرو چوري ڪرڻي اٿيئي
تہ سنسار جي لنڪا لٽي، سنسار ساگر کي
منٿن ڪري، امرت چوراءِ.

## (۵) برهم چريہ

(١) پوتر ڪرڻ پرڪر کي پاڻھ ۾ سيکني ھ ساکي سمجهي، پون پاون وانگي، اهڙو شڌ رهہ، جو تنهنجي رڳ پرويش ڪري پبا پر شدُ ٿي پون. مٽي سان ملڻ، پاڻيءَ سان ڌوئڻ، اگني سان اجارڻ، ڪان وايوءَ سان نرمل ڪرڻ وڌيڪ آهي ۽ تنهنڪري سوين مرض رڳي پوتر هوا جتائي ٿي. تون هو ڪان پوتر تائي جو سبق سکہ ۾ جيستائين تعليم هيٺ آهين تيستائين پورن اشٽانگ برهم چريہ هلاءِ. وري جڏهن گرهست جا فرض پورا ڪري

رهين، ۽ سنياس ڌارين، تڏهن به اهڙيءَ
برهم چريه هلائڻ ۽ گرهست آشرم ۾ پنهنجي
جي استريءَ ڌاران ٻين سڀ استرين
پنهنجون ماءُئون سمجهڻ، ۽ انهن سڀني
وٽ به اهڙي برهم چريه هلائڻ، ۽ شهوتيه
نه ڏيڻ. "مثال نيترپيکت پرتريه روپاڻ."
(٢) پنهنجي استريءَ کي گرهست آشرم ۾
سچي پچر اڌ شرير سمجهڻ، ۽ هنکي سکيو رکڻ
۽ جڏهن تي جهڙي نه پرڻجڻ، ۽ جي ٿئي
سگهيءَ ته "ايڪ پتني رام" وانگي ٻئي رين
استري جي مرڻ بعد به ٻي نه پرڻجي.
(٣) گرهست آشرم ۾ جيستائين تنهنجي

استري گرڀڻي ٿئي تيستاءِ توکي ساڻس
راندڪو سنيوگهہ ڪرڻ روا آهي، پرسنيوگهہ
ڪرڻ ڌڻ هو رجسولا ٿيڻ بعد ڇهہ ڏينهن ٿئي
ٿي. ۽ تون ٻہ ٻالڪي ڪري شڌ رکي ۽ سنڌس
چت پرسن رکي ۽ ٻنهني کي جهہ. جي چت
پرسن نہ هوندو تہ ٻار تيسر ۽ روڳي ٿيندو.
استري جي گرڀڻي ٿيڻ بعد جي ٽائين ٻنهني جي
استريءَ جو بد خواه نہ ٿيان ۽ جي حاذق
حڪيمي ۽ پوربي حڪيم جو حڪم
ملي، تہ سنيوگهہ نہ ڪري ۽ ويم کائيندو
ڪي مهنا پرهيز ڪري. ڏس تہ ڪوبہ
گهوڙو گرڀڻي گهوڙيءَ يا نندڙي ڦرواري

گھوڙيءَ جي ويجھو نہ اچي ٿو. تون مرن
کان ٻري نہ ٿيو. اُئين ڪو نہ ڄوي
تنھنجي زالي تہ "ڪرتوت ٻسون، ڪا
مانس جات." (٤) جي هروڀرو ڪامي
ٿنڍو اٿيئي تہ آتم ڪامي ٿيو.

## ٥- آپرگره

(١) گهڻ نندان سڀس روپ ڪيول جگديش
کي، ٻاڻو ۽ سڀني ۾ سا کي سمجھاي،
آڪاش وانگي "سڀ ڪي مڌ سگل
تي اُداس" رهه، ۽ سڀ اوسڌا ٻاء. ڏس
تہ آڪاش ۾ وايو جلائمان آهي، سورج ۽
تارا ۽ نکتر ڦرن ٻيا، وڄايون ڪِڻون ٻيٺون

ته به ڪٿو نه آبرِ گرهي آهي. اننت
ترنگ منجهس پسرجن ٿا، ته به سڀ
ڪان ويجهو سڀ ڪان دور، ۽ ٻاٽ پرپور
ته به الپت رهي ٿو. تنهنڪري گهرٽِ ۾
نه پو، ڏاندل ۾ نه پو، سڀ اعدال رکي،
سڀ ڪنهن قسم جي سنجهي ڪري، بکيا
جنجال تياڳي، مايا ڪارڻ ڏه ڏسون
نه ڏونيد، ۽ پوگين جا ٻعدڙ ٻاڻ ٽي نرچاڙه.
(۲) ڌريجي جهڙو ڏن پيو ڏن ڪونهي ۽
ڏنو نت ماجين ته به اندر جي فقيري نرچڏ.
” سکي پسي مسڪينتا آپ نوارت لي،
ٻڌي ٻڌي امنڪاريا ذانڪ گرب گلي.“

آڪاش جڏهين شُنيہ آهي تڏهين هيٺين جوت جي منڊلن جو اڄڙو آهي. لڪشمي انهن پنيان آهي جي پيار ڏنا ڪنس، سرسوتي انهن پنيان جي پيار ڏنا ڪنس. (٣) آڪاش وانگي الڳ ۽ نرسپرڙ رهه ۽ ڪنهن جي مهيتا جي نرڪ نه. سنسار سڀنو اُٺي.

آئسي سنڌيچر ج بنست ناهي
پت سيتي اپني گهر جاهي.

(٤) جي هروپرو پرگرهي ٺٺو اٿيٺي تہ هرنامڙن جو وڪرگڏ ڪر. اهو ئي سارڏن آهي. لکر ڪوٽ اشوستي لکر ڪوٽ آگگاڏيون ۽ ڏاڙون ۽ آڳيوٽ ۽ مهلات

۽ ڪارخانا انهي جي مت نہ آهن.
اگن نہ دهي ٻون نهي مگنٿي
تسڪر نير نہ آوئي

رام نام ڏن ڪرسنڇوني
سو ڏن ڪٿهي نہ جاوئي.

---

دنيا ڪا ديوانا هےبي
آيا موت سربر نہ تيرا نہ ميرا
کيتي گئي ديکہ واجي وجاء
وهي ايڪ رهسي جو ساچا خداء.
آئيا اڪيلا اڪيلا چلا ئيا
چلتي وقت ڪوئي ڪام نہ آئيا.

آخر ٻچو تاٽا ڪري هاءِ هاءِ
درگاهه گنشا تي تون پاوهه سزاءِ.
جس ڪا تون ٻندا تسي ڪا سنواريا
دنيا ڪي لالچ، تئن صاحب وساريا.
(نصيحت نامو)

جل ڪي ڀيت، پون ڪا ٿنڀا،
رڪت ٻوند ڪا گارا
هاڏ ماس ناڙي ڪو پنجرا، ڀنڪي ٻسئي ٻچارا
پراني ڪيا ميرا ڪيا تيرا
جئسي تَرور پنکر ٻسيرا. (رويداس)

## ٦- شوچ

(١) نرانجن پرڪرتي پاڻ ۾ سيني ۾ سا ڪي

سمجهڻي جيڪي تو ۾ ”پنج دو ڪر“
روپ مردار آهي، تنهن ڪان پاڻ نورت
ڪر. مرتڪ جي پڄر ڇڏ، ۽ جيوڻ هار
کي پاڻ ۾ وساءِ

”سوهو ڀا جس منهو پياري“

ڏس ته پرٿوي ۾ جيسٿائين مرده مٽي نه
ٿئي تو تيسٿائين ناپاڪ آهي، پر جڏهن مٽي
ٿي تو تڏهن انهيءَ ماڻ گل ڦٽندا ٿي
سگهن ٿا. تون به سڀ جيڪي تو ۾
ملت آدي سو مٽي ڪر، ۽ اهڙو گل ڦٽندا
ڪر جو توکي سچي هري جي سڳند اچي.
ٿا اندر ۽ ٻاهر ٻئي پوتر ڪر، ۽ اندر ۽ ٻاهر

جي صحبت ڌڪ ڪر.

(٢) شراب، افيم، ڀنگ، گانجو، چرس، تماڪ، ماس، مڇي، آنا ۽ ٻيا سڀ راجسي ۽ تامسي آهار شرير جو مل آهن. تون اهڙي مل جي ويجهو نه وڃ، ۽ سڀڪنهن گيارس ڏينهن يا ٻئي ٻئي هفتي، ڪاڏو بدلاءِ، يا تمام گهٽ کاءُ، يا اصل نه کاءُ، ۽ پيٽ کي ۽ گهرجي ماڻهن کي آرام ڏي.

(٣) جي ٿي سگهيئي ته ٽي ڀيرا، يعني صبوح جو منجهند جو ۽ سانجهن جو، سنان ڪري، ڪپڙا ڌوءِ، ۽ سرو جو خير گهُر، نه ته هڪڙو گهڙو ته ضرور

سنان ڪري جيڪڏهن بيمار نه آهين ۽ ۽
جسمي تعليم سان انگ ۽ سڀ ڪايا جا
دوار پوتر ۽ پشت رکَ .

(۴) تون يمن کي نرانتر سيوڻ
سان نه رڳي هلت پلت سنوار،
پرانتر مڃن ڪر ۽ اندر اُجار،
يعني نه رڳي ٻاهرين هنسا آدي نه ڪر پر
من جا وڪاربندي اندرين هنسا آدي
بہ نه ڪر، ۽ ديا، ڪميا نمرتا ۽ سچ ۽
حلالي ۽ برهم چريہ اپرگرهہ جا پوشڻ پهر.

## ۷- سنتوش

(١) آتم ترپت سائين کي پاڻ ۽ سيني ۾

ساکي سمجھڻ، شؤچ جي ٻل سان، قانع ٿيءُ. ڏس تہ جل کي لکين آگبوٽن جا قيدا ۽ ناؤن ۽ ٻيڙين جا ونجھ ڪپين ٿا پر ھڪ ڪرڻ ٻہ سا ڳھوئي ساڳيو آھي. توکي ٻہ ڪيترائي دنر جا چڪر لڳن تہ جل وانگي سنتشت رھ ۽ اھڙو سنتوش ڪر جو مرڻي رس چکين.

(٢) سگل دکر امرت ڪري ٻيڻہ. اولاد وڃي يا استري وڃي يا مت مائٽ وڃي يا ڌن مال وڃي يا سيڪي وڃي تہ ٻہ ايڏن چؤ" توپريو ڏنا، تو ورتا، تنھنجي جيڪا آگيا سائي ٻلي، سائي مونکي

مني آسي".

"جسڪا ڪيڏا تن هي ليڏا
هوا تسيئ ڪا ڏاڍا."

---

"جن ڪي ڪيڏا سوئي جاڳي
تا ڪا رو ــ آپا رو
ڄاڻي ڪس نو ٻاٻا روئيندي
ٻاڙي اِهر سنسارو."

## ٨- تب

جوتي سروپ کي ڏاڍر ۽ سيخي سا ڪي
سماڄهي شؤج ۽ سنتوش جي بل سان
تپسوي تيءَ، ۽ من کي منبلا. ڏس

سورج ڪڙر نہ تپسوي آهي، منهنجهس نهايت وڏي اگني پيئي ٻري، ٻرٻاڙي ٻاري ٻڙن کي جوت ڏئي ٿو. تون ٻہ ڪايا دونهيي ڪري امڙي اگني دکاءِ جا تنهنجي هومئي نوارتي، ۽ سڀ تنهنجا ڪرم نشڪام ڪري، ۽ ڪاٻہ ڦل جي اڇا تو ۾ نہ رهي، ۽ تون سنڌ رهري روپ جي سڦل درشن جو يوگير ٿين ۽ ديدار رتل ٿين ۽ منهنميل ۾ پنگ نہ پويئي. سرو آسڪتي ڇڏ.

”ٻرٽي ساڪت ڪي آرجا“.

(٢) اشوچ ۽ اسعتوش لاءِ ٻرايشچت ڪر.

جنهن جنهن ڏرم ۾ گهٽ ڏسجين تنهن تنهن جي
پالڻ لاءِ ورت رکر. اندر جيت ٿي ۽،
ڏرت ڏار، ۽ تيڄسوي ٿي ۽، ٻر هٺ نه
ڪره وارٿ تي هاريل ڪنهن ڪمتلي نماڻي
جُٺي سگهندي آهي، نه هنياو هاٿي.
(٣) جت ست، ڏرم ڪرم، پالي،
ڪايا ۽ اندرين هي ممتا مار، ۽ تيا ڳي
ٿي ۽ جي ڏرشن پياس اٿيئي.
سيوا ڪرت هوءِ نِهڪامي
تِس ڪؤ هوت پراپت سوامي.
(٤) آداسي نراسي رهه، نه آس پياسي.
جو آس نراسي سوئي آهي سنياسي.

اڪام ٿيءِ ته آهت ڪاه ٿين.
”آسا پيتر رهيءِ نرآساڻ تو نانڪ ايڪ ملي

## ٩- سواڌ يا

(ا) آگم اپار اوگت اگوچرا گاڌ سنمپور
کي پاٺه ۽ ٻيدي‌پر ساکي سمجهڻي، شوچ
۽ سنتوش ۽ تپ جي ٻل سان انته ڪرڻ
کي، گيان ۽ اُپاسنا دوارا، وايو جهڙو
نرمل ڪري ۽ پرم متا، ۽ مرم پڇاڻ،
۽ ڪوتو ڪرو پرور، ۽ دکمن جي بوجهه
پاءِ، ۽ انوپ چرن ڪمل ردي آرڌاري،
جنم جنم جا ڪلوکر ڪپڻي، ۽ گهت
گهت ۾ هر هر نام جپدي، نه فقط سا ڪيءِ

ڪي ڏسي پر برهم سچرش جو يوگير ٿي ٿو. تت ويتا ٿي ٿو پند و پنڌ ۽ برهمنڊ جو سنپرڏ سمجهي ۽ رنگ ڪسنپ وانگي ڪيٽن پاسار پسريوآهي سو پرور. پوري طرح پرکي تہ نرانڪار "آپهي ايڪ آپهي انيڪ" آهي ۽ سرو ۾ هڪڙي پيکي ۽ سمدرشي ٿي ٿو تہ سگليون جي توڪي سواجهي ٿينديءَ.

هرين دوجا ناهي ڪوءِ
سرو نرانتر ايڪو سوءِ.

(٢) ايڪ اکر هري من بساءِ تہ نهال ٿين.

آکر مڻهو تريڻ پرپ ڏاري

آڪر ڪَرِ ڪَرِ ٻيد ٻِچاري
آڪَر شاستر سمرت پُرا نا
آڪر ناد ڪَٿَن وکيا نا.

[ گوڙي ٻاون اکري محلا ٥-٥٥ ]

(٣) سدا ديال، ڪرپا نڌ، دين درد دک ڀنجن کي ساس گراس ٿر، ۽ سندس نالو ردي ۾ ڌار، جاڳائڻ جو نام ٻڌائن تون اهڙو آهين جهڙي ميگهه ٻنا کيتي، يا جهڙو ڪرين جو نرار ٿڪ هام.

پرڀ ڪي سمرن نهچل آسن
پرڀ ڪي سمرن ڪمل بگاسن
پرڀ ڪي سمرن انهد جهنڪار

## سکہ روپ سمرن ڪا انت نہ پار

---

ساٿ نہ چالئي بن ڀڄن بکيا سگلي ڇار
هر هر نام ڪماوڻا نانڪ اِهُ ڌن سار
(۴) جب جهڙو يگيہ ڀيو ڪونہ آمي ۔
پرڀوءِ ڪي جپ تہ سگل پوِتڻي ۔

سرب ڌرم مهہ سريشٽ ڌرم
هرِ ڪو نام جپ نرمل ڪرم
ايڪو جپ ايڪو سالاهہ
ايڪو سمرِ ايڪو مَن آهِ
ايڪس ڪي گُن گاءِ آنڌت
من تن جاپ ايڪ ڀڳونت

ايڪو ايڪ ايڪ هرِ آپ
پورن پور رهيون پربهُ آپ
آنڪ وستار ايڪ تي ٿئي
ايڪ آراڌ پراچت گئي

---

جن گهٽ نام اُپجي ڦٽ مرئي جن سوءِ

## ١٠. ايشور پرڻڌان

(ا) سرو ڪلا پورن پرم آنندمئي ڪي پاٺ پر ڇ سيڌي پر ساڪي سمجهي، گد گد ٿي، تون نمڪ نمڪ پرانهي هڪ سچي ڪي نمسڪار ڪر، ڇ سندس آگيا ڪاري سيوڪ ڇ پوڄاري ٿيو، ڇ ساڌن جو

ٿهل ڪر، ۽ سختن سان جٽ رکر، ۽ نہ
رگوناٿ جَپ برہين کي بہ جپاءِ .
”پرڀ کي سيوڪ ڪؤ ڪونہ ٿو چئي
پرڀ کي سيوڪ اوچ تي آوجي“
پرڀوءَ جي داسي ڪماڻي، ۽ دري پوناڇي
سنڀاڇي، تون برہم متر ٿيندي ۽ متر ٿي
تون اهڙي پريت ساڻس رکر جا توکي
آڪاش وانگي نرليپ ڪري، ۽ جنهن
ڪري سڀ باقي انگ يوگ جا سماڌئي
سميت سڌ ٿي سگهن . اهڙيءَ پريت بنا
ڪري آتي سندر، ڪُلين، ڏنونت
چتر ۽ ردوان هجين تہ بہ مِرتڪ آهين،

”گيان ڏيان سگلي سڀ جپ تپ
جِس هرِ هردي الکہ آڻيو ۔

جئن مور کي گرڙ پيارو، جيئن ڪوڪل کي انب پيارو، جيئن چڪور کي چنڊ، جيئن چڪوئي کي سورج، جيئن چاترڪ کي جل ڌار، جيئن ماڇيءَ کي نير، جيئن ڪرنڪ کي ناد، جيئن ڀؤر کي ڪمل، جيئن ٻالڪ کي کير، تيئن تون ٻين سان سنگ توڙي، آن تيا ڳيءَ سرن پئي، هڪ سنگ سهاءِ سان سچي پريت جوڙ، انهيءَ کي پنهنجي نئڻن جي پتلي ڪر، انهيءَ کي من تن ڌن ڀيٽ،

۽ انهيءَ کي ساس ساس ڏن رڳن سنڀال ۽
سرت ۽ ڏن ساڻ، شبد ۾ ڌوبي ايئن جلاءِ
جو ڳجهت واٽي پرگهٽ ٿئي، ۽ انهت سن
جي ترڪي وڃي، ۽ تون شبد برهم وانگي ٿين.

## ٻنهي ٻهڻ ۽ نيهڻ سان لاڳو

هنسا، استيه، ستيه، ابرهم چريه،
ڇرگره، آشؤچ، اسنتوش، آسڪتي،
هور ڪپڻ ۽ ٻاڪنڌ نه رڳا ٻاڻ نه ڪرپڻ نه
ڪراءِ ۽ نه اهڙن ڪمن کي ٽيڪو ڏي.
(٢) ٻهڻ جو استرال ٻنجاهه تتون سان سنٻنڌ
آهي ۽ نهڻ جو انهن تتون جي سوکمن
سان جيئن مٿي ڏيکاريو ويو آهي ۽ وري

هرهڪ ٻير ۽ نٿمر جو تتون ۽ ايشور وانگي سمشٽي (يا سروجنڪ) روپ آهي، ۽ وئشٽي (يا وئڪتي يا پرتڪ) ۽ يعني سرو پرجا، سنبندي عام روپ، ۽ هڪ هڪ ماڻهوءَ سنبندي خاص روپ.

سروجنڪ هت يا عام پلي جو مطلب هي ۽ آهي تہ سڄي خلق ٻير ۽ نٿمر ڀالي، ويڪتي هت يا خاص پلي جو مطلب هي آهي تہ هرڪو جدا جدا ماڻهون ٻير ۽ نٿمر پالي.

پر اندرين شؤچ يمن ڀالڻ کانسواءِ ٿي نٿي سگهي، ۽ سڄي ٻچي سروجنڪمت عام خلق جي [ا] ٻاهرين ۽ اندرين صحت ۽ پوتڙائي

[۲] سنتوش [۳] نشڪار ڪرم [۴] اُپاسنا ۽ گيان ۽ [۵] آتم نويدن پڪتي ۾ آهي. سرڪاري قاعدا به اُهي چڱا جي اُنهن نئمن جي برخلاف نه وڃن پر پاڻ انهنکي تقويت ڏئن. سڀڪنهن راجا جو فرض نئمن جي سرو جنڪ روپ ۾ اچي وڃي ٿو ۽ انهي فرض ادا ڪرڻ ۾ پرجا کي مدد ڏيڻ گهرجي. انهي ڪري سڀڪنهن ماڻهوءَ جو فرض نه رڳو نئمن جي ويڪتي روپ ۾ اچي وڃي ٿو پر سڀڪنهن سرو جنڪ هت لاءِ اديم ڪرڻ به لازم آهي. تنهنڪري تون اهڙو اُديم ڪر ۽ نه رڳي پنهنجي ذُوچ

۽ سنتوش ۽ تپ ۽ سواڌيا ۽ ايشور پرڻڌان
لاءِ مٿا ھڻ، برهمڻن جي لاءِ ہہ.

(٣) جيڪڏهن ڪو ائين پنهنجا فرض
سمجهي ۽ پاڄا آڻي ته جيڪر هي پ مدش
لوڪ پُٽير لوڪ ٿي پوي. پر هرڪو ائين نٿو
سمجهي ۽ نٿو عمل ڪري تنهنڪري
سرو جنڪ هت ۽ پرتڪ هت جي وچم
ورو ڏيوي ٿو ۽ انهي ورو ڏنوار ٽالا عماڪن
۽ قاعدن جو ضرور ٿئي ٿو، ۽ انهي ڪري
راجد روڪ ھون ڪان وڏو گناه ٿو ٿئي،
چاڪاڻ جو راجد روڪ ڪري هزارين ڪرم
وڪرم ۽ اڪرم سرو جنڪ هت جي اُبتر

ٿي ويندا ۽ انهن جي روڪ نہ ٿيندي ۽
ماڻهون ڏينهان ڏينهن جوت جي مارڳ
کان ڀٽڪندا ويندا ۽ ظلمات جي غوطن
۾ پوندا. انهي سبب جي پنهنجو پرتڪ
هت نٿا سمجهن ۽ پر نٿم پاڄين ٿا تنکي
نواريندڙ سکيا، ۽ گناهن ۽ آپڪارن لاءِ
انصافي سيکت، ڏيڻ سروڃڻڪ ڀت
واسطي روا آهي. پراڻي سکيا ۽ سيکت
۾ مريوئي ٿورو گهڻو ڏکر ڏيڻو پوي ٿو
تنهنڪري اهڙي سکيا ۽ سيکت روپ
هنسا اهنسا آهي. (اڳئين هندو
زمانہ ۾ راجاڻون يمن نئمن جي تعميل بابت

گهڻو بار ڪٿندا هوا ۽ هن زماني ۾ اهڙا
۽ آستين تي گهڻو زور آهي ۽ ڪئي قدر
سنيڻ تي پر برهم چريه تي ٿورو ۽ ابرگره تي
اصلي نه.) سا ڳئي سبب طبيب جو وڏي
دڪان چڙائڻ لاءِ بيهوش تيل ماڻهو ڪي
ننڊ و ڏڪر ڏئي ته سو هنسا ڪري نه
آهي، ڇاڪاڻ جو سرو جنڪ هٿ. انهيءَ
۾ آهي ته اهڙي ڇڱي ارادي سان ۽ پوري
خبرداري سان ڪم ڪندڙ ڪي سزا نه ملي.
وري جنهن ڏهه ڪو سنئيل ماڻهو ان اوچتو
دشمن هي ور چڙهي، ته سندس ڪم
آهي ته هو ڪهڙا به ڏڪا ڪيس ڏين

تہ ہر سندن چوڻ تئ خون يا راجد روہ
نہ ڪري. پر گنداھ جي قاعدي موجب،
انهن گناهن کان سواءِ، جان وچائڻ
جي خوف کان ڪو گناہ ھنن جي
دڙڪن تي ڪري تہ انهي لاءِ سزا نہ
آهي؛ پڻ پنهنجي يا پئي ماڻهون جي
جان يا استرين جي سٽ بچائڻ لاءِ ھمسا
ڪرڻ، سروجنڪ ھت لاءِ جي قاعدہ
آهن تن موجب روا آهي. مطلب تہ
جڏہ سروجنڪ ھت سان پرتڪ ھت جو
ورو ڌ ٿئي تڏہ تون سروجنڪ ھت جي
پاسي تي ٿ.

سچ وَرتُ، سنتوکہ تيرٿ، گيان ڌيان اسنان
ديا ديوتا، کما جپ مالي تي ماڻس پرڌان.
(سارنگ وار شلوڪ محلا ۱)

[ نوٽ:- هي "نيتي سکيا" ديوان
ديارام گدو مل جي "شري يوگ درشن"
(صفحه ۲۷۲ کان ۳۰۰ تائين) تان ورتل
آهي.]

---

Printed by Awatrai Parsram
at the Bharatwasi Press and
Published by K. D. Shahani
Bandhu Ashrama, Hyderabad Sind.

## ديوان ديارام گدو مل جا ڇاپيل

| | |
|---|---|
| ١. سري پرگ درشن | ۲-۸-۰ |
| ٢. شريمد ڀڳوت گيتا | ۱-۴-۰ |
| ٣. جپ صاحب | -۶-۰ |
| ۴. شريمد ڀڳوت گيتا جو سار | ۰-۴-۰ |
| ۵. ماڙو ۽ ڏيئي | ۰-۲-۶ |
| ٦. نيتي سکيا | ۰-۱-۰ |
| ۷. سڪمڻيءَ جو سار<br>۸. لوڀ جو مهاتم | ( ڇاپي ۾ ) |

ملي سگهندا :-

**بنڌو آشرم**

نوا باد ، حيدرآباد سنڌ .

LIBRARY
Sindhology